مهراڻ سيريز

نئين نصاب مطابق

مهراڻ

# درسي
# سنڌي ڪتاب

## ڪلاس ڇهون

## ۽ ورڪ بُڪ
### سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن سان گڏ

ليکڪ


شيخ نديم تصور

M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed.



®

زم زم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي

SCIENCE PUBLICATIONS

# انتباھ

ھن ڪتاب جا مڪمل حق پبلشر وٽ محفوظ آھن.
ھن ڪتاب جي ڪنھن بہ حصي جي مڪمل طور تي جزوي لحاظ سان نقل ڪرڻ وارن جي خلاف ڪاپي رائيٽ ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ناشر

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي®

ٽريڊ مارڪ (مھراڻ سيريز) رجسٽرڊ

قانوني مشير

ذوالفقار علي شيخ

| | |
|---|---|
| ڪتاب | مھراڻ سنڌي درسي ڪتاب |
| ليکڪ | شيخ نديم تصور<br>M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed: |
| معاون | وڪيلہ گل M.A (Sindhi), B.Ed: |
| ڪمپوزنگ | عمران ميراڻي ۽ عديل احمد دايو |
| ڊزائيننگ | آصف ڪمپوزرس لڪي |
| پبلشرز | زمزم سائنس پبليڪيشنز |

## اسٽاڪسٽ

**نيو مھراڻ ڪتاب اسٽور** نم جي چاڙھي سکر 071-5626093

**مھراڻ ڪتاب سينٽر** شاھي بازار سکر 071-5624790 071-5627774

سنڌ جي ھر ننڍي وڏي شھر جي سيني دڪانن تي بارعايت دستياب آھي.

# فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | حمد (بيت) | 05 |
| 02 | پاڻ سڳورن ﷺ جن جو ننڍپڻ | 09 |
| 03 | مولود | 13 |
| 04 | شاهه ولي الله رحمة الله عليه | 16 |
| 05 | عدل ۽ انصاف | 19 |
| 06 | وطن (نظم) | 23 |
| 07 | مثالي ڳوٺ | 26 |
| 08 | شهر جي صفائي | 30 |
| 09 | مليريا | 34 |
| 10 | زراعت | 38 |
| 11 | وقت چوي آئون بادشاهه(نظم) | 43 |
| 12 | ميٺ محبت | 48 |
| 13 | سورهيه بادشاهه | 52 |
| 14 | سارنگ | 57 |
| 15 | ڪوڙي (نظم) | 61 |
| 16 | پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو ڪردار | 65 |
| 17 | اسين وطن جا مزور هاري(نظم) | 70 |
| 18 | سچل سرمست جو ميلو | 74 |
| 19 | خاص ٻار | 78 |
| 20 | صبح نہ آهي ڏُور ساٿي | 82 |
| 21 | هٿرادو سيٽلائيٽ | 86 |

# فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
| --- | --- | --- |
| 22 | کارونجهر جا کرشما | 91 |
| 23 | سکر جو سير | 95 |
| 24 | هنگلاج جو سفر | 99 |
| 25 | ڏُور بيني | 103 |
| 26 | ڳِدري ڦار چنڊ (نظم) | 106 |
| 27 | ڪتنب ۽ ڪهاڻي | 109 |
| 28 | ملاکڙو | 113 |
| 29 | ايچ ايم کوجا | 117 |
| 30 | ٽيليفون (نظم) | 121 |
| 31 | تڏا ۽ تونريون ناهڻ | 125 |

سبق 1

# حمد (نظم)



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| هَلائج | وڻائج، دڳ لائڻ |
| پيچرن | رستن، دڳن |
| نازل | لاهڻ |
| گهڙي | وقت، ساعت |
| کم ظرف | گهٽ عقل وارو |
| ڪميون | ڪوتاهيون |
| ڪٽيون | ڦُڙيون |

## شعرن جي تشريح

خداوندا عالم ڪرم ڪر سڀن تي،
هلائج اسان کي سِڌن پيچرن تي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" الله پاڪ کان دعا گهرندي چوي ٿو ته الله سائين اسان تي ٻاجھ ڪر ۽ اسان کي هدايت واري رستي تي قائم رک.

بچائج تون مولا اسان کي انهن کان،
عذابن کي نازل ڪيئي جن ڏڳن تي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" الله پاڪ کان دعا گهرندي چوي ٿو ته الله سائين جن رستن تي تون پنهنجو عذاب نازل ڪيو آهي، اسان کي انهن رستن کان سدائين بچاءِ.

عبادت ۾ پنهنجي حياتي گذاريون،
رهي هر گهڙي ذڪر تنهنجو چپن تي.
سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" دعا گهرندي چوي ٿو تہ الله سائين اسان کي اهڙو بڻاءِ جو هر وقت تنهنجي عبادت ڪريون ۽ هر وقت توکي ياد ڪريون.

اسان ڪم ظرف ۽ ڪَميون ڀيون هزارين،
مگر فضل تنهنجو ٿئي شل ڪِنن تي.
سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" دعا گهرندي چوي ٿو تہ الله سائين اسان انسان گهٽ سمجهہ وارا آهيون، اسان ۾ تمام گهڻيون ڪوتاهيون آهن پر تون اسان جو مالڪ آهين، تون اسان ڪِنن تي شل پنهنجو ڪرم ڪرين.

رڳو آسرو تنهنجو آ هر بشر کي،
خوشي آڻ سائين غريبن گهرن تي.
سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" دعا گهرندي چوي ٿو تہ مالڪ سائين! هر هڪ انسان کي بس تنهنجو ئي سهارو آهي، تنهنڪري تون ئي غريبن جي گهرن ۾ خوشيون آڻ.

رڳو تنهنجي نظرِ ڪرم ئي گهرون ٿا،
ڪٽيون تون ڪرم جون وسائج وطن تي.
سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" دعا گهرندي چوي ٿو تہ الله سائين! اسان کي بس تنهنجي ٻاجهہ ۽ ڪرم واري نظر گهرجي. اسان جي ملڪ مٿان رحم فرماءِ.

دعائون "تصور" گهرون ٿا سدائين،
ٿئي ڦيرو فضل جو اسان ٻي وسن تي.
سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" چوي ٿو تہ الله سائين! اسان هر وقت تنهنجي آڏو دعائون ٿا گهرون. اسان بيوس ۽ لاچار آهيون، اسان تي پنهنجو فضل فرماءِ.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. شاعر ڪهڙن ڏڱن ڪان بچڻ لاءِ خدا ڪان دعا ٿو گهري؟

ج: شاعر انهن ڏڱن ڪان بچڻ جي دعا گهري ٿو جن ڏڱن تي الله تعاليٰ عذاب نازل ڪيو.

2. اسان کي سچي زندگي ڪنهن جي عبادت ڪرڻ گهرجي؟

ج: اسان کي سچي زندگي الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ گهرجي.

3. هر بشر کي ڪنهن جو آسرو آهي؟

ج: هر بشر کي الله تعاليٰ جو آسرو آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. خُداوندا عالَم ___ڪرم___ ڪر سَين تي
2. اسان ڪم ظرف ۾ ___ڪَميون___ ڀيون هزارين
3. رڳو آسرو تنهنجو آ هر ___بشر___ کي
4. ڪٽيون تون ڪَرم جون وَسائج ___وطن___ تي

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| عالَم | جهان |
| جملو | دوست منا دلدار عالَم سڀ آباد ڪرين. |
| ڀيچرا | رستا |
| جملو | الله تعاليٰ اسان کي سنن ڀيچرن تي هلائي. |

| | |
|---|---|
| ڳميون | ڪوتاهيون |

**جملو** اسان کي ٻين جي ڳمين تي نظر نہ رکڻ گهرجي.

| | |
|---|---|
| ڪم ظرف | گهٽ عقل وارو |

**جملو** ڪم ظرف ماڻهو سدائين نقصان سهندا آهن .

| | |
|---|---|
| فضل | ڪرم |

**جملو** الله تعاليٰ جو اسان تي اهو ڪرم آهي جو اسان پاڪستاني آهيون.

سبق 2

# پاڻ سڳورن ﷺ جن جو ننڍپڻ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| يتيم | جنهن جا والدين فوت ٿي وڃن | | |
| پائيندا | پسند ڪندا | | |
| رواج | رسم | | |
| پرورش | پالنا | | |
| ڳُتو | گار گند | | |
| چارڻ | گاهه ڪارائڻ ۽ گهمائڻ | لفظ | معنيٰ |
| وارياسي | واريءَ واري زمين | پروڙيان | جاچيان، پرکيان |
| وڏائي | فخر | عار | عيب |

## خلاصو

هن سبق ۾ حضور ﷺ جي ننڍپڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ٻنهي جهانن جا سردار حضرت محمد ﷺ ٻارهين ربيع الاول تي مڪي شريف ۾ ڄاوا. حضور ﷺ جي ڄمڻ کان ڪجهه مهينا اڳ سندن والد حضرت عبدالله لاڏاڻو ڪري ويو، ائين پاڻ سڳورا ﷺ ننڍي هوندي ئي يتيم ٿي ويا. ان ڪري پاڻ سڳورا ﷺ يتيمن کي ڏاڍو پائيندا هئا. ان دؤر جي رواج مطابق سندن پرورش لاءِ ڪين دائي حليمه رضہ جي حوالي ڪيو ويو. دائي حليمه رضہ جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ننڍي هوندي نہ

روئيندا هئا ۽ نہ ڪو گتو لفظ ڪيندا هئا. سدائين ساڄي هٿ سان کائيندا هئا. پاڙي جي ٻارن کي راند روند ۾ رذل ڏسي ڪين چوندا هئا، تہ اسين رڳو راند روند لاءِ پيدا نہ ڪيا ويا آهيون.

بيبي حليمہ رضہ جا ٻہ پٽ ٻڪريون چاريندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ، بيبي حليمہ رضہ کي چيو تہ ”مون کي ڇڏيو تہ آئون ٻہ وڃي انهن سان ٻڪريون چاريان. آئون چاهيان ٿو تہ قادر جي قدرت کي پروڙيان، جبلن ۽ ميدانن کي ڏسان، جيڪي الله پاڪ جي وڏائيءَ جون نشانيون آهن“. اهڙي طرح پاڻ سڳورا ﷺ ٻڪريون چارڻ ويندا هئا. سندن انهيءَ عمل ۾ اسان لاءِ اهو سبق آهي تہ ڪنهن بہ پورهئي کان عار نہ ڪرڻ گهرجي.

## مشق

**(ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

(1) پاڻ سڳورا ﷺ ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄاوا؟

(ج) پاڻ سڳورا 12 ربيع الاول تي مڪي شريف ۾ ڄاوا.

(2) پاڻ سڳورن ﷺ کي پرورش لاءِ ڪنهن جي حوالي ڪيو ويو؟

(ج) پاڻ سڳورن ﷺ کي پرورش لاءِ بيبي حليمہ سعديہ جي حوالي ڪيو ويو.

(3) هن سبق مان پورهئي بابت اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

(ج) اسان کي هن سبق مان پورهئي بابت اها نصيحت ملي ٿي تہ ٻنهي جهانن جي سردار پاڻ سڳورن ﷺ ٻڪريون چاري اهو ثابت ڪيو آهي تہ پورهئي ۾ ڪوئي عيب نہ آهي. اسان کي حلال ڪمائڻ لاءِ ڪنهن بہ پورهئي ڪرڻ ۾ عار محسوس نہ ڪرڻ گهرجي.

4. پاڻ سڳورا ﷺ ٻارن کي ڪيڏندي ڏسي ڇا فرمائيندا هئا؟

ج. پاڻ سڳورا ﷺ ٻارن کي ڪيڏندي ڏسي چوندا هئا ته ”اسين رڳو راند روند لاءِ پيدا ڪو نه ٿيا آهيون، اسان کي دنيا ۾ ٻيا به ڪم ڪرڻا آهن.“

## ب. هيٺيان خال ڀريو.

1. پاڻ سڳورا ﷺ ٻارهين ربيع الاول تي مڪي شريف ۾ ڄاوا.
2. بيبي حليمه رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ جي پالنا نهايت ايمانداري ۽ سچائي سان ڪئي.
3. ڪڏهن به پورهئي ڪان عار نه ڪرڻ گهرجي.
4. پاڻ سڳورا ﷺ ننڍي هوندي زبان مان ڪو گُٿو لفظ نه ڪيندا هئا.

## ج. صحيح جواب چونڊيو.

1. اسان جا پيارا پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن ٻارهين ربيع الاول تي مڪي شريف ۾ ڄاوا.

(i) محرم الحرام (ii) صفرالمظفر (iii) ربيع الاول ✓

2. پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ڄمڻ کان اڳ سندن ڀيءُ حضرت عبدالله وفات ڪري ويو.

(i) ڀيءُ ✓ (ii) چاچو (iii) ڏاڏو

3. بيبي حليمه رضہ جا ٻه پٽ هئا، جيڪي روزانو ٻڪريون چارڻ ويندا هئا.

(i) ٻه ✓ (ii) ٽي (iii) چار

4. جبلن ۾ ميدانن کي ڏسان، جيڪي الله جي وڏائيءَ جون نشانيون آهن.

(i) حڪمتون (ii) نشانيون ✓ (iii) ڪرامتون

## د هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ڏاڍو | ڏاڍا | زبان | زبانون |
| نشاني | نشانيون | ٻڪري | ٻڪريون |
| تڪليف | تڪليفون | راند | رانديون |

## ھ لفظن جي معنيٰ لکيءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڄاوا | پيدا ٿيا |
| جملو | اسان جا نبي سڳورا ﷺ مڪي شريف ۾ ڄاوا. |
| وفات | فوت ٿيڻ |
| جملو | علامه اقبال جي 21 اپريل تي وفات ٿي. |
| پرورش | پالنا |
| جملو | اسان جي نبي سڳوري ﷺ جي پرورش حضرت بي بي حليمهؓ ڪئي. |
| پروڙڻ | پرکڻ |
| جملو | شاهه ڀٽائي رحه نگري نگري گهمي ڪري الله جي ڏرتي کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪئي. |
| شفقت | پيار |
| جملو | اسان کي پنهنجي ننڍڙن سان شفقت سان پيش اچڻ گهرجي . |

سبق 3

# مولود



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ويرَ | تڏي هوا | سڏير | خبر |
| ميرَ | سردار | موچارا | سهڻا |
| سُٽي | ٻڏي | آهه | صدا |
| ڪاهه | چڙهائي | نفس نور | سرڪش نفس |
| ڏيلُ | جسم | توهه | ٻاجهه، فضل |
| ڏڪايو | ڏيچاريو | قيام | رهائش |
| چام | سردار | ماڙ | مهرباني |
| سياهُ | ڪارو | ڪامل | پهتل، مڪمل |
| قلب | دل | اجاريو | سنواريو |

## شعرن جي تشريح

اچي ويرَ، ڏي سڏير، منا مير موچارا
سٽي آهه، ڪجان ڪاهه، منا مير موچارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”مصري شاهه“ نبي اڪرم ﷺ جن سان مخاطب ٿي چوي ٿو ته اي منا سردار! تنهنجي سيرت اسان کي سجاڳي عطا ڪئي آهي. اي سردار! جڏهن به مان ڪنهن پريشانيءَ ۾ هوندو آهيان ته تنهنجي پاڪ سيرت ذريعي ئي مان ان کان نجات حاصل ڪندو آهيان.

نفس نور، کيو شور، ڏوهن ڏيلُ ڏکايو
بخش ڏوهہ، کرين توهہ، مِنا مير موچارا!

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "مصري شاهہ" چوي ٿو تہ اي مِنا سردار! اسان نفساني خواهشن ۾ جڪڙيا پيا آهيون. گناهن سبب اسان جو جسم ڏکي ٿو. اسان تي ٻاجهہ ڪري اسان جا گناهہ بخشرايو.

قبر قيام، اندر جام، مِنا! ماڙ ڪجان ڪا
اتي گهوٽ، ڪجان موٽ، مِنا مير موچارا!

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "مصري شاهہ" چوي ٿو تہ اي مِنا سردار! هڪ ڏينهن قبر ۾ ٽڪاءُ ڪرڻو آهي. اي سردار! ان وقت تنهنجي ئي محبت ۽ تنهنجي طريقي جي اطاعت ئي مون کي اتي مدد ڏئي سگهندي.

مصري شاهہ، چئي سياهہ، ڪامل قلب اجاريو
ڪيان تـعريف، تـو شريف، مِنا مير موچارا!

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "سيد مصري شاهہ" چوي ٿو تہ اي مِنا سردار! آئون گنهگار آهيان، توهين خدا وارا آهيو، منهنجي دل توهان جو ذڪر ڪندي سڪون محسوس ڪري ٿي ۽ منهنجي دل تان ڪٽ لهي ٿي.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هي مولود ڪنهن جو لکيل آهي؟

ج: هي مولود مصري شاهہ جو لکيل آهي.

2. هن مولود ۾ پنهنجي پسند جو شعر ٻڌايو.

ج: قبر قيام، اندر جام، منا! ماڙ ڪجان ڪا.
اُتي گهوٽ، ڪجان موٽ، منا مير موچارا.

3. شاعر پنهنجي قلب (دل) بابت ڇا ٿو چوي؟

ج. شاعر پنهنجي قلب (دل) بابت چوي ٿو ته منهنجي گناهن جي ڪري ڪاري ٿي ويل دل کي اڇي صاف ڪيو ته جيئن الله جي وڏائي ۽ تعريف ڪري سگهان.

## ب هيٺيان خال پريو.

1. نفس نوري ڪيو شور ـــ ڏوهن ـــ ڏِيلُ ڏڪايو
2. اُتي گهوٽ، ڪجان موٽ، منا ـــ مير ـــ موچارا
3. ڪيان تعريف ـــ تو شريف ـــ منا مير موچارا
4. سُٽي آهَه، ڪجان ـــ ڪاهه ـــ منا مير موچارا

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| موٽ | واپسي |
| جملو | هڪ ڏينهن هر انسان جي آخرت تي ڏي موٽ آهي. |
| قيام | رهائش |
| جملو | قبر ۾ هميشه لاءِ قيام ٿيندو. |
| آهَه | دانهن، رڙ |
| جملو | ڪنهن غريب جي آهَه نه ڪٽو. |
| موچارا | سهڻو |
| جملو | اسان جي وطن جا نظارا موچارا آهن. |
| تعريف | ساراهه، وڏائي |
| جملو | الله جي تعريف جو حق صرف اسان جي نبي ﷺ ادا ڪيو. |

سبق 4

# شاهه ولي الله دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قطب | ولي/ رهبر | | |
| الدين | دين جو | | |
| ولي الله | الله جو ولي | | |
| ڦيٽاڙو | ڏڦيڙ، تعاق | | |
| اٿل پٿل | بي انتظامي | لفظ | معنيٰ |
| مصروف | رُڌل | بدعتن | خرابين |
| بڇڙاين | برائين | پهه | ارادو |
| گمراهه | ڀٽڪيل | پرائيندا | حاصل ڪندا |
| پرکيو | جاچيو | ولي | نيڪ بندو |

## خلاصو

حضرت شاهه ولي الله رحہ جو اصل نالو قطب الدين احمد ۽ ”ولي الله“ سندس لقب هو. سندس والد جو نالو شاهه عبدالرحيم هو. شاهه ولي الله 1114هجريءَ ۾ دهليءَ پرسان هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو.

هو ننڍپڻ کان ئي ذهين ۽ هوشيار هو. پندرهن سالن جي عمر ۾ اسلامي علم پڙهي پورو ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي والد

ڪان فيض پڻ حاصل ڪيائين. ان وقت جي ڏکين حالتن کي سامهون رکي بدعتن ۽ بڇڙاين کي ختم ڪرڻ جو پڪو په ڪيائين. هن مسلمانن ۾ اتحاد جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن ۾ ٻڌي پيدا ڪئي.

1143 هجريءَ ۾ حج ڪيائين. اتان موٽڻ تي ماڻهن کي قرآني تعليم جو سڏ ڏنائين ۽ پراڻي مدي خارج نظام کي ٽوڙڻ جو نعرو هنيائين. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ "حجتہ اللہ البالغہ" گهڻو مشهور آهي. هن 62 ورهين جي عمر ۾ 1176 هجريءَ ۾ وفات ڪئي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. حضرت شاهه ولي الله رحه جو اصل نالو ٻڌايو.

ج. حضرت شاهه ولي الله جو اصل نالو قطب الدين احمد هو.

2. حضرت شاهه ولي الله رحه ڪٿي ۽ ڪڏهن پيدا ٿيو؟

ج. حضرت شاهه ولي الله 1114هه ۾ دهليءَ پرسان هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو.

3. حضرت شاهه ولي الله رحه جو مشهور ڪتاب ڪهڙو آهي؟

ج. حضرت شاهه ولي الله جو مشهور ڪتاب حجة الله البالغہ آهي.

4. حضرت شاهه ولي الله رحه ڪڏهن وفات ڪئي؟

ج. حضرت شاهه ولي الله رحه 62 سالن جي عمر ۾ 1176هه ۾ وفات ڪئي.

### ب هيٺيان خال پريو.

1. شاهه ولي الله رحه جي والد جو نالو ___شاهه عبدالرحيم___ هو.
2. شاهه ولي الله رحه جو دؤر سياسي ___ڦيٽاڙي___ جو دؤر هو.
3. شاهه ولي الله رحه رايا ڏيڻ ۾ ڪنهن جي به ___پرواهه___ نہ ڪيائين.
4. واپس اچي ماڻهن کي ___قرآني___ تعليم جو سڏ ڏنائين.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| تنقيد | تائيد | خاص | عام |
| ذهين | ڪُند | جاهل | عالم |
| مصروف | فارغ | روشني | اونداھ |

## د هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
| --- | --- | --- | --- |
| نالو | نالا | نديو | نديا |
| روشني | روشنيون | حالت | حالتون |
| مسئلو | مسئلا | حديث | حديث |

سبق 5

# عدل ۽ انصاف



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| متاري | پليل | يڪدم | هڪدم، جلدي |
| واڳ | رسي | ڇهبڪ | لڪڻ |
| پل صراط | قيامت واري ڏينهن جي پل | عاجز | بي وس |
| لاچار | بي وس | بخشش | معافي |
| | محتاج | ضرورتمند | |

### خلاصو

هن سبق ۾ ايران جي بادشاهه سلطان ملڪ شاهه سلجوقيءَ جي عدل ۽ انصاف جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هڪ ڀيري شڪار ڪندي، ڪنهن واهه جي ڪناري وٽ اچي

منزل ڪيائين. سندس غلامن مان هڪ غلام اتي ڪنهن جي متاري ٻڪري چرندي ڏٺي، سا ڪُهي پاڻ ڪاڏائين ۽ ٻين کي ٻه ڪارايائين. اها ٻڪري هڪ بيواهه عورت جي هئي، جنهن تي سندس يتيم ٻارن جو گذران هو. اها عورت واهه جي پُل تي بادشاهه جو اڳ جهلي بيهي رهي. جڏهن بادشاهه ۽ سندس لشڪر اتان اچي لنگهيو ته هن ست ڏيئي بادشاهه جي گهوڙي جي واڳ کي جهليو، انهيءَ ساڳئي غلام عورت کي پري هٽائڻ لاءِ ڇهبڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بادشاهه کيس جهليو ۽ عورت کان پڇيو ته کيس ڇا گهرجي؟ هن جواب ڏنو ته جنهن غلام کيس ڇهبڪ ٽئي هنيو، ان سندس ٻڪري ڪُهي ڪاڏي آهي. ان تي منهنجي ٻچن جو گذران هو. مون کي انصاف کپي. بادشاهه حڪم ڏنو ته مائيءَ کي هڪ ٻڪريءَ جي عيوض ست پليون ٻڪريون ڏنيون وڃن.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ بادشاهه گذاري ويو ته مائي سندس قبر تي وڃي سندس بخشش لاءِ دعا گهري. ان وقت ڪن نيڪ ماڻهن خواب ۾ سلطان کي ڏٺو، جنهن چيو ته ”جيڪڏهن اها پوڙهي منهنجي لاءِ دعا نه گهري ها، ته آئون هرگز سزا کان بچي نه سگهان ها“. سچ آهي ته عدل ۽ انصاف، انسان کي ڪيترين ئي مصيبتن کان بچائي ٿو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. عورت، بادشاهه کي پُل تي بيهاري ڪهڙي دانهن ڏني؟

ج. عورت، بادشاهه کي چيو ”اي بادشاهه جنهن غلام مون کي ڇهبڪ پئي هنيو، ان منهنجي ٻڪري ڪُهي کائي ڇڏي آهي، جنهن تي منهنجي يتيم ٻارن جو گذران هوندو هو.“

2. بادشاهه، غلام ڏانهن ڪاوڙ ۾ ڏسي ڪهڙو حڪم ڏنو؟

ج. بادشاهه ڪاوڙ مان پنهنجي غلام ڏانهن نهاريو ۽ حڪم ڏنو ته مائيءَ کي ان جي بدلي ۾ ست پَليون ٻڪريون خريد ڪري ڏنيون وڃن.

3. عورت، بادشاهه جي قبر تي ڪهڙي دعا گهري؟

ج. عورت،بادشاهه جي قبر تي دعا گهري تہ ”اي پروردگار! هي تنهنجو بندو، جيڪو هن خاڪ هينان سُتل آهي، تنهن مون عاجز سان انصاف ڪيو هو، اڄ اهو لاچار ۽ عاجز آهي ۽ تنهنجي بخشش جو محتاج آهي.“

4. اسان ڪي هن سبق مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج. اسان کي هن سبق مان اها نصيحت ملي ٿي تہ عدل ۽ انصاف عدل ۽ انصاف سان هلون، ڇوجو عدل انسان کي ڪيترين ئي مصيبتن کان بچائي ٿو.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. هڪ دفعي شڪار ڪندي ___واهه___ جي ڪناري تي اچي هن قيام ڪيو.
2. اها ___ٻڪري___ دراصل هڪ بيواهه عورت جي هئي.
3. تنهن عورت کي ڀري هٿائڻ لاءِ ___ڇهبڪ___ هٽڻ جي ڪئي.
4. آئون توکان پنهنجو ___انصاف___ قيامت جي ڏينهن پُل صراط تي گهرنديس.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. اها ٻڪري دراصل هڪ شاهوڪار عورت جي هئي. ✗
2. انهيءَ ٻڪريءَ تي سندس يتيم ٻارن جو گذران هو. ✓
3. بادشاهه ڏچي هڪدم پنهنجي گاڏيءَ تان لٿو. ✗
4. بادشاهه ڪاوڙ مان پنهنجي غلام ڏانهن نهاريو. ✓
5. جيڪڏهن اها پوڙهي عورت منهنجي لاءِ دعا نہ گهري ها، تہ آئون هرگز سزا کان نہ بچي سگهان ها. ✓

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سُتل | جاڳيل | لاچار | طاقتور |
| عورت | مرد | ڪاوڙ | خوشي |
| غلام | آزاد | دعا | بددعا |

# سبق 6

# وطن




## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اڪڙين | اکين |
| چارو | رستو |
| نظارو | منظر |
| سگهارو | طاقتور |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| لُڇي | محنت ڪري |
| پلارو | سُنو، پاڳ وارو |

## شعرن جي تشريح

وطن اسان جو پيارو، پيارو،
اڪڙين جو جڻ آهي تارو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "محمد اقبال شيخ" چوي ٿو ته اسان جو وطن تمام پيارو آهي، جڻ ته اسان جي اکين جو تارو آهي.

جهنڊي جو رنگ آهي سائو،
هن ۾ چمڪي چنڊ، ستارو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "محمد اقبال شيخ" چوي ٿو ته اسان جي ملڪ جي جهنڊي جو رنگ سائو آهي ۽ هن ۾ چنڊ ۽ ستاري جو نشان آهي.

ديس جي مٽي خوشبوءِ واري،
خوشبوءِ وارو هر هڪ چارو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "محمد اقبال شيخ" چوي ٿو ته اسان

جي وطن جي مٽي خوشبوءِ واري آهي ۽ اسان جي ملڪ جو هر هڪ رستو پڻ خوشبوءِ وارو آهي.

ڪيت وطن جا سهڻا ڏاڍا،
جيڪي ڏين ٿا خوب نظارو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”محمد اقبال شيخ“ چوي ٿو ته اسان جي وطن جا ڪيت ڏاڍا پيارا آهن ڪيتن جو نظارو تمام وڻندڙ آهي.

وڏڙا ٿي ڪيو نالو روشن،
پنهنجي وطن جو پيارا ٻارو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”محمد اقبال شيخ“ چوي ٿو ته ٻارو اوهان ٻه لکي پڙهي ۽ وڏا ٿي ڪري پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪريو.

پاڻ لُڇي ڏينهن رات ٻنين ۾،
هتان جو هاري آهي سگهارو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”محمد اقبال شيخ“ چوي ٿو ته اسان جي وطن جو هاري تمام گهڻو محنتي آهي. اهو اسان جي اناج جي بندوبست لاءِ ڏينهن رات ٻنين ۾ پيو محنت ڪندو آهي.

دعا گهري ”اقبال“ ٿو هر دم،
ديس جو ٿئي شل ڀاڳ ڀلارو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”محمد اقبال شيخ“ دعا گهرندي چوي ٿو ته شل! الله پاڪ اسان جي وطن جا نصيب ڀلا ڪري. اسان جي ملڪ کي هر عذاب کان محفوظ رکي.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسان جي ملڪ جي جهنڊي جو ڪهڙو رنگ آهي؟

ج. اسان جي ملڪ جي جهنڊي جو رنگ سائو ۽ اڇو آهي.

2. جهنڊي ۾ ڇا چمڪندو آهي؟

ج. جهنڊي ۾ چنڊ ۽ ستارو چمڪندو آهي.

3. ديس جي مِٽي ڪهڙي آهي؟

ج. ديس جي مٽي خوشبوءِ واري آهي.

4. شاعر وطن لاءِ ڪهڙي دعا ٿو گهري؟

ج. شاعر وطن لاءِ دعا گهري ٿو تہ اسان جي وطن جو ڀاڳ ڀلارو ٿئي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. ڪيت وطن جا ___سهڻا___ ڏاڍا
2. خوشبوءِ وارو هر هڪ ___چارو___
3. ___جهنڊي___ جو رنگ آهي سائو
4. هن ۾ چمڪي ___چنڊ، ستارو___

## ج لفظن جي معنيٰ لکو۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| چارو | رستو |
| جملو | اسان کي هميشہ حق جو چارو وٺڻ گهرجي. |
| سگهارو | طاقتور |
| جملو | اسان جي ملڪ جو هرهڪ سپاهي سگهارو آهي. |
| ڪيت | ٻني |
| جملو | اسان جي ملڪ جا ڪيت ڏاڍا سرسبز آهن. |
| ڀاڳ | نصيب |
| جملو | شال! الله سائين اسان جي ملڪ جو ڀاڳ ڀلارو ڪري. |
| لُڇڻ | محنت ڪرڻ |
| جملو | اسان جي ملڪ جو هاري هر وقت زمين ۾ لُڇي ٿو. |

# مثالي ڳوٺ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آدمشماري | ماڻهن جي ڳڻپ | اڏجي | ٺاهجي |
| سڌارو | ترقي | نيڪال | خارج ڪرڻ |
| رٿابندي | منصوبو ٺاهڻ | وڻڪاري | وڻ پوکڻ |
| پرائڻ | حاصل ڪرڻ | سيدو سامان | ضرورت جو سامان |
| واڊا | ڊڪڻ | ڊيپو | اڏو |
| | جوڳو | مناسب | |

## خلاصو

هن سبق ۾ هڪ مثالي ڳوٺ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن جي آدمشماري پنج هزار ٿيندي. سرڪار، ڳوٺ سڌار رٿا تي عمل ڪندي، ان جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ وڏي رقم منظور ڪئي. ڳوٺ جون سڀ گهٽيون پڪيون ڪيون ويون آهن، اڪثر ماڻهن جا گهر به پڪا آهن. ڪني پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ناليون ٺاهيون ويون آهن. ڳوٺ ۾ رٿابنديءَ سان وڻڪاري به ڪئي ويئي آهي. تعليم

جي واڌاري لاءِ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ پرائمري ۽ مڊل اسڪول بہ آهن، جتي ڳوٺ ۽ ڀرپاسي وارن ڳوٺن جا ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ڳوٺ ۾ هڪ سرڪاري اسپتال بہ آهي. ان کان علاوه ڳوٺ ۾ هڪ جانورن جي اسپتال، پوسٽ آفيس، ٽيليفون آفيس ۽ هڪ لائبريري پڻ آهي. ٻارن جي راند روند لاءِ هڪ وڏو ميدان آهي. آبادگارن جي سهولت جي لاءِ ٻج ۽ ڀاڻ جو ڊيپو بہ آهي. ڳوٺاڻن جي سهولت لاءِ هڪ مارڪيٽ ٺهرائي ويئي آهي، جنهن ۾ درزي، ڌوٻي، حجم، واڍي، ڪنڀر ۽ لوهر جا دڪان بہ آهن. مطلب تہ مثالي ڳوٺ جي رهواسين کي هر قسم جي سهولت موجود آهي.

## مشق

ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 مثالي ڳوٺ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪهڙو بندوبست ٿيل آهي؟

ج ڳوٺ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول پڻ آهن، جتي نہ فقط اسان جي ڳوٺ جا بلڪ پر واري ڳوٺن جا ٻار بہ تعليم پرائڻ لاءِ ايندا آهن.

2 هنري اسڪول ۾ نياڻين کي ڪهڙا ڪهڙا هنر سيکاريا وڃن ٿا؟

ج ڳوٺ ۾ ڇوڪرين کي هٿ جو هنر سيکارڻ لاءِ پڻ هڪ هُنري اسڪول قائم ڪيل آهي، جتي ڪين سبڻ، پرڻ ۽ اُڻڻ جو هنر سيکاريو ويندو آهي.

3 ڳوٺاڻا علاج ڪٿان ڪرائيندا آهن؟

ج ڳوٺ ۾ هڪ سرڪاري اسپتال آهي، جتاب سڀ ڳوٺاڻا علاج ڪرائيندا آهن.

4 مثالي ڳوٺ جي ماڻهن جو صاف پاڻي نہ ملڻ وارو مسئلو ڪيئن حل ٿي ويو آهي؟

ج واٽر سپلاءِ اسڪيم لڳڻ سان صاف پاڻيءَ وارو مسئلو بہ حل ٿي ويو آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. اُن جي آدمشماري ___پنج___ هزار آهي.
2. انهيءَ جي پرسان ٻيا ٻه ڪيترائي ننڍا ننڍا ___ڳوٺ___ آهن.
3. اسان جي ڳوٺ ۾ ___تعليم___ جو پڻ جوڳو انتظام آهي.
4. هاڻي ته اسان جو ڳوٺ ڇڻ سٺي نموني ___اڏجي___ ويو آهي.
5. انهيءَ ___مارڪيٽ___ مان اسان جي ۽ ٻين ڳوٺن جا ماڻهو گهرن لاءِ سيدو سامان وٺندا آهن.

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| انتظام | بندوبست |
| جملو | ڳوٺ ۾ تعليم جو جوڳو انتظام ٿيل آهي. |
| واڌاري | ترقي |
| جملو | ڳوٺ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ پرائمري ۽ مڊل اسڪول قائم ٿيل آهن. |
| پرائڻ | حاصل ڪرڻ |
| جملو | ڇوڪرين جي تعليم پرائڻ لاءِ پڻ ڳوٺ ۾ بندوبست ٿيل آهي. |
| روزگار | ڪاروبار |
| جملو | ڳوٺ جا ماڻهو روزگار لاءِ شهرن ڏانهن ويندا آهن. |
| سُک | سهولت |
| جملو | ڳوٺ ۾ سيدو سامان ملڻ جو سک آهي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| زندگي | موت | ڪَچا | پڪا |
| ڳوٺ | شهر | زميندار | هاري |
| ويجهو | پري | سُک | ڏک |

## ه صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. اسان جي ڳوٺ جي آدمشماري ٽي هزار آهي. ✗
2. ڳوٺ ۾ هڪ سرڪاري اسپتال موجود آهي. ✓
3. هُنري اسڪول ۾ ڇوڪرين کي سبڻ، پرڻ ۽ اُڻڻ جو هنر سيکاربو آهي. ✓
4. اسان جي ڳوٺ ۾ بجليءَ جو انتظام نه آهي. ✗
5. هارين ۽ زميندارن جي سهولت لاءِ ٻج ۽ ڀاڻ جو ڊيپو موجود نه آهي. ✗

سبق 8

# شهرجي صفائي





## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| ننڍي اسپتال | ڊسپينسري | گندگي | گدلاڻ |
| مِٽي | ذَرُ | جراثيم | جيوڙا |
| وِٿاڻ | واڙا | چنبڙندڙ | وچڙندڙ |
| ميڙ، مچو | جهُڳَن | جانورذبح ڪرڻ جي جڳھ | ڪوس گھر |

## خلاصو

هن سبق ۾ شهر جي صفائيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اڄڪلھ اسين پنهنجي چؤڌاري ٽرئفڪ، گوڙ، دونهون، دز، رستن ۽ گھٽين ۾ ڪچري جا ڍير، گھرن جي پرسان بيٺل گندو پاڻي جتي ڪٿي عام جام ڏسون ٿا. ماحول جي اهڙي حالت گوٺن جي ڀيٽ ۾ شهرن جي تمام گھڻي خراب آهي. ماحولياتي گدلاڻ جون اهي شيون اسان جي زندگيءَ کي تمام گھڻو نقصان پهچائين ٿيون. زندگيءَ لاءِ صاف پاڻي، تازي هوا ۽ صاف سٿرو ماحول تمام ضروري آهي. گندگيءَ جي ڪري ڪيترائي نقصانڪار جيوڙا پيدا ٿين ٿا، جيڪي نہ رڳو اسان انسانن، پر جانورن ۽ ٻوٽن ۾ بہ

انيڪ بيمارين جو ڪارڻ بڻجن ٿا. شهر جي صفائي رکڻ اسان مان هر هڪ شهريءَ جو فرض آهي. اسان کي سڀ کان پهرين پنهنجي گهر کي صاف رکڻ گهرجي. گهر جو ڪِن ڪچرو ڊڪ وارن ڍڪڻ يا ٽوڪرين ۾ وجهي، گهر جي ٻاهران رکيل وڏي ڊٻي ۾ ڦٽو ڪرڻ گهرجي. شهر جي ڪني پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ناليون اهڙيءَ طرح ٺهرايل هجن، جو سمورو پاڻي سولائيءَ سان وهي وڃي وڏي نالي ۾ پوي. اسپتالن ۽ ڊسپينسرين جي عملي کي گهرجي ته ڪم آندل پٽيون، ڪپهه ۽ خالي بوتلون وغيره ۽ ٻيو استعمال ٿيل سامان ۽ ڪچرو ڍڪيل ٽوڪرين ۾ وجهي، باقاعدگيءَ سان ان کي صفائيءَ واري عملي جي مدد سان نيڪال ڪرائين.

ڪارخانا ۽ ورڪشاپ وغيره شهر کان ٻاهر ايترو پري هجن، جو انهن جي دز ۽ دونهون شهر ۾ نه اچي سگهي. ڪوس گهر، ميوي ۽ ڀاڄين جي وڪري جون بازارون، مال جا واڙا ۽ وٿاڻ وغيره به شهر کان ٻاهر هئڻ گهرجن. ڪن ڪچرو شهر جي ٻاهران ڪڍن ۾ اڇلڻ گهرجي. گوشت، مڇي، مٺائي، ميوي ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين وارن دڪانن ۽ هوٽلن تي هميشه جاريءَ وارا در هئڻ گهرجن، جيئن اهي مکين جي جهڳٽن کان بچيل رهن.

## مشق

**ا هينين سوالن جا جواب لکو.**

1. ڪارخانا ڪٿي هئڻ گهرجن؟

ج. ڪارخانا شهر کان پري هئڻ گهرجن.

2. شهر جي صفائي رکڻ ڇو ضروري آهي؟

ج. اسان کي گهرجي پنهنجي شهر، ڳوٺ ۽ پاڙي کي صاف سٿرو رکون، ائين ڪرڻ سان اسان ڪيترين ئي بيمارين ۽ گندگين کان بچي پونداسين ۽ سُک واري زندگي گذاريندا سين.

3. گوشت، مڇي، منائي ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين کي کيئن رکڻ گهرجي؟

ج. گوشت، مڇي، منائي ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين کي جاريءَ وغيره سان ڍڪي رکڻ گهرجي تہ جيئن اهي مکين جي جراثيمن کان بچيل رهن.

4. اسان مان هر هڪ جو ڪهڙو فرض آهي؟

ج. اسان سڀني تي اهو فرض آهي تہ انهن ٻڌايل ڳالهين تيءمل ڪري سٺا شهري بڻجون.

## ب هيٺيان خال پريو.

1. زندگي لاءِ تازي هوا ۽ صاف سُٿرو ماحول نهايت ضروري آهي.
2. گندگيءَ جي ڪري ڪيترائي نقصانڪار جيوڙا پيدا ٿين ٿا.
3. انهيءَ جي شروعات پهريان پنهنجي گهر کان ڪرڻ گهرجي.
4. ڪارخانا بہ شهر کان تمام پري هئڻ گهرجن.

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| گندگي | ڪن ڪچرو |
| جملو | اسان کي پنهنجي شهر کي گندگيءَ کان پاڪ ڪرڻ گهرجي. |
| عملو | ملازم |
| جملو | ميونسپل جو عملو پابنديءَ سان گند ڪچرو ڪٺي ويندو آهي. |
| جُهڳٽن | ميڙ |
| جملو | پنهنجي شين کي جاريءَ سان ڍڪڻ گهرجي تہ جيئن مڇرن ۽ مکين جي جهڳٽن کان بچائي سگهجي. |

| | |
|---|---|
| ماحول | آسپاس |
| جملو | اسان کي پنهنجي ماحول کي صاف سترو رکڻ گهرجي. |
| بهتر | سٺو |
| جملو | اسان کي پنهنجو ماحول بهتر ڪرڻ لاءِ صفائيءَ جو خيال رکڻ گهرجي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| توري | گهٽي | پَري | ويجهو |
| سَستو | مهانگو | سولائي | ڏکيائي |
| ٻاهر | اندر | نقصان | فائدو |

## ھ شهرجي صفائيءَ تي ڏھن سٽن جو نوٽ لکو.

(1) گندگيءَ جي ڪري ڪيترائي نقصانڪار جيوڙا پيدا ٿين ٿا.

(2) انسانن سان گڏ، جانورن ۽ ٻوٽن ۾ به ڪيترين ئي بيماريون پيدا ڪن ٿا.

(3) اسان مان اهو هر هڪ جو فرض آهي ته پنهنجي شهر، ڳوٺ ۽ پاڙي جي صفائي رکون.

(4) جيڪڏهن اسان پنهنجو فرض پورو ڪنداسين ته ڪيترين ئي بيمارين ۽ گندگين کان بچي پونداسين.

(5) ۽ سُک واري زندگي گذاريندا سين.

(6) صفائيءَ جي شروعات پهريان گهر کان ڪرڻ گهرجي.

(7) گهر جو ڪن ڪچرو ڊڪ وارن دبن يا ٽوڪرين ۾ وجهجي.

(8) گهر جي ٻاهران رکيل وڏي دٻي ۾ ڦٽو ڪجي.

(9) جتان اهو ڪچرو صفائيءَ وارو عملو کڻي وڃي.

(10) انهن ٻڌايل ڳالهين تي عمل ڪري، اسان سٺا شهري ٻڻجي سگهون ٿا.

سبق 9



# مليريا

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مليريا | بيماريءَ جو نالو | گسائڻ | غيرحاضر رهڻ |
| اڳي | پهريان | الهندي | اولهه واري |
| بُخار | تپ | لنگهيس | گذريس |
| ڪالهه | گذريل ڏينهن | درخواست | عرض |
| پوسل | بيٺل پاڻي | تندرست | صحتمند |
| طريقا | اپاءَ | جوڳو | مناسب |
| ڊُبا | کڏا | لٽائي | ڍڪائي |
| انتظام | بندوبست | معلومات | ڄاڻ |
| باري ۾ | بابت | | |

## خلاصو

ڪجهه ڏينهن کان سعيد اسڪول ڪونه آيو. جوڪرن استاد کي ٻُڌايو ته سعيد جن پهريان وارو گهر ڇڏي، شهر جي گندي پاڻيءَ واري کڏ ڏانهن گهر اڏائي وڃي رهيا آهن، ان ڪري هينئر پاڻ ۾ ملي ڪونه ٿا سگهون. استاد چيو ته هيءَ سرءُ جي مند آهي. شهر ۾ مڇر به گهڻا ٿي پيا آهن، ان ڪري سمجهان ٿو ته سعيد کي مليريا جو بخار ٿي پيو آهي. جوڪرن، استاد کان پڇيو ته سائين! ٻڌايو ته مليريا جو بخار ڇاجي ڪري ٿيندو آهي؟ استاد ٻُڌايو ته مليريا جي بخار جو سبب مڇر آهن. مڇر ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا عام مڇر ۽ ٻيا آهن زهري مڇر. زهر وارا مڇر جڏهن بخار واري ماڻهوءَ کي چڪ پائي ان جو رت چوسين ٿا، تڏهن بيمار جي

رت سان مليريا جا جيوڙا ٻه مڇرن جي پيٽ ۾ هليا وڃن ٿا. ان کان پوءِ اهي مڇر وري ڏنگ هڻي چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي چڪ پائين ٿا، تڏهن اهي جيوڙا جيڪي بيمار ماڻهوءَ جي رت مان چوسيا هئائون، سي چڱي ڀلي ماڻهوءَ جي جسم ۾ داخل ٿيو وڃن ۽ انهيءَ ماڻهوءَ کي به بخار اچيو وڃي. ان ڪري ضروري آهي ته مڇر پيدا ٿيڻ يا وڌڻ ئي نه ڏجن.

مليريا جي روڪ لاءِ حفاظتي ادارا سدائين ڪوشش ڪندا رهن ٿا. انهن هيٺيون سفارشون ڪيون آهن:

(1) گپ، چڪ، پوسل ۽ ڪِني پاڻيءَ جا دٻا ٿيڻ نه ڏجن. جيڪڏهن اهڙا دٻا، ڪڏون يا تلاءَ هجن ته مٿيءَ سان پرائي ڇڏڻ گهرجن.

(2) جن هنڌن تي گندگاهه هجي، اتان اهو ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي.

(3) گهرن ۾ پاڻيءَ جي نيڪال جو جوڳو بندوبست هئڻ گهرجي.

(4) مال جي وٿاڻن تي ڇيڻو ۽ پوسل ٿيڻ نه ڏجي.

(5) ڪني پاڻيءَ جا حوض ۽ تلاءَ، جيڪي مٿيءَ سان لَٽائي نه سگهجن، انهن جي ڪناري واري پاڻيءَ تي وقت بوقت مڇر مار دوا جو ڦوهارو ڪرائجي.

(6) ٽپاوليءَ وارن ڏينهن ۾، رات جو مهاري يا مڇرداني استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ "جليبي" يا "مئٿ" به ڪم آڻڻ گهرجي ۽ ان کان سواءِ ڊاڪٽر جي مشوري سان مليريا روڪ جون اڳواٽ گوريون ڪائجن.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. مڇرن جا گهڻا قسم آهن؟

ج: مڇرن جا ٻه قسم آهن.

2. مليريا کان بچڻ لاءِ کهڙا ٻه ٽي اُپاءَ ٻُڌايو.

ج: جن هنڌن تي گندگاهه هجي، اهو ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي.
مال جي وٿاڻن تي ڇيڻو ۽ پوسل ٿيڻ نه ڏجي.

تپاوليءَ وارن ڏينهن ۾ رات جو مڇرداني استعمال ڪرڻ گهرجي، جليبي ۽ مٺائن بہ ڪم آڻڻ گهرجي.

3 مليريا جو بخار ڇا ڪان ٿيندو آهي؟

ج: زهريلي مڇر جي رت چوسڻ سان مليريا جا جيوڙا ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ هليا ويندا آهن. ان ريت اهو بُخار پکڙبو آهي.

## ب هيٺيان خال پريو.

1. ضروري آهي تہ ___مڇر___ پيدا ٿيڻ يا وڌڻ ئي نہ ڏجن.
2. جن هنڌن تي ___گندگاهہ___ هجي، اهو ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي.
3. ڪجهہ ڏينهن کان سَعيد ___اسڪول___ ڪونہ ٿو اچي.
4. سائين: هيءَ سعيد جي ___درخواست___ آهي.
5. هڪڙا مڇر عام جڏهن تہ ٻيا ___زهريلا___ مڇر ٿيندا آهن.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. ڪجهہ ڏينهن کان شهر جي ___الهندي___ پاسي وڃي وينا آهن.

(i) ڏاکڻي (ii) الهندي✓ (iii) اترين

2. مليريا جو بخار ___مڇرن___ جي ڪري ٿيندو آهي.

(i) ڏيڏرن (ii) مکين (iii) مڇرن✓

3. ___گهرن___ ۾ پاڻيءَ جو جوڳو انتظام هئڻ گهرجي.

(i) گهرن✓ (ii) شهرن (iii) ٻنين

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| ڪارڻ | سبب |
| جملو | مليريا جو ڪارڻ پلازموڊيم نالي جيوڙو آهي . |
| طريقا | نمونا |
| جملو | مليريا کان بچڻ لاءِ ڪيترائي طريقا آهن. |
| لَڪائي | ڍڪي |
| جملو | ڪوشش ڪجي تہ ڪني پاڻيءَ جي تلائن کي لڪائي ڇڏجي. |
| بخار | تَپُ |
| جملو | مليريا جو بخار مڇرن جي ڪري ٿيندو آهي. |
| مشورو | صلاح |
| جملو | طبيعت خراب ٿيڻ وقت ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ گهرجي. |

سبق 10

# زراعت



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| زراعت | ٻني ٻاري جو ڪم | قديم | اوائلي |
| ڪِرت | ڪم ڪار | ڪيتي | ٻني ٻارو |
| مدد | سهڪار | زرخيز | آباد، ساوا |
| اُپت | آمدني | هٽرادو | مصنوعي |
| پيداوار | اُپت، آمدني | خوراڪ | غذا |
| ڪيڙڻ | هر ڏيڻ | مندون | موسم |
| علاوه | ڪان سواءِ | حصن | ڀاڱن |
| ورهائڻ | تقسيم ڪرڻ | ضرورت | گهرج |
| پرڏيهي | غيرملڪي | ناڻو | پيسو |

## خلاصو

زراعت دنيا جي سڀ کان قديم ڪِرت آهي. اها هزارين سالن کان هلندي پئي اچي. انهيءَ زماني ۾ ئي ماڻهن اهو ڄاتو ورتو هو تہ قلمن ۽ ٻجن مان ٻُوٽا ڪيئن اُپائجن ۽ جانور ڪيئن پالجن.

اسان جو ملڪ هڪ زرعي ملڪ آهي. سنڌ صوبي ۾ هزارين سالن کان سنڌو درياءَ جي ميداني علائقن جي پَلين زمينن ۾ زراعت ٿيندي اچي ٿي. ڪيترين ئي صدين کان ڪيتيءَ جو سڄو دارومدار انسان جي پورهئي تي آهي. هاري ڍڳن جي مدد سان زمين  کيڙي، مال جو ڀاڻ وجهي زمين کي زرخيز بڻائيندا آهن ۽ پاڻ فصلن ۾ لاڀارو وجهندا آهن، پر هاڻي فصل پوکڻ ۽ لُڻڻ جون مشينون ايجاد ٿيڻ سان ٿوري ڪم سان گهڻي اپت ٿئي ٿي.

دنيا جي آبادي وڌڻ سان خوراڪ جون ضرورتون ٻه وڌي رهيون آهن، جنهن ڪري سائنسدانن بهتر مشينون، اثرائتا ڀاڻ ۽ جيت مار دوائون ايجاد ڪري ورتيون آهن، ته جيئن پيداوار کي وڌائي سگهجي.

جيتوڻيڪ هاڻي پوکيءَ جا طريقا بدلجي ويا آهن، پر سنڌ ۾ اڃان تائين پراڻا طريقا ٻه هلندا پيا اچن.

سنڌ ۾ پوکيءَ جون ٻه مندون آهن: هِڪڙي کَتي يا خريف ۽ ٻي چيٽ يا ربيع. خريف جا فصل ڪپهه، سَاريون، مڪئي، جوئر ۽ ڪمند آهن ۽ ربيع جا فصل ڪڻڪ، چڻا، مسور ۽ سرنهن يا ڄانيو وغيره آهن.

فصلن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪڙا اناج وارا فصل سڏجن، جيئن ڪڻڪ ۽ چانور وغيره ۽ ٻيا ناڻي وارا فصل جيئن ڪپهه ۽ ڪمند وغيره.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. زراعت دنيا ۾ ڪڏهن کان ٿيندي پئي اچي؟

زراعت دنيا ۾ هزارين سالن کان هلندي پئي اچي.

2. فصل پوکڻ ۽ لُڻڻ جون مشينون ايجاد ٿيڻ سان ڇا ٿي رهيو آهي؟

ج. فصل پوکڻ ۽ لُڻڻ جون مشينون ايجاد ٿيڻ سبب ٿوري ڪم سان گهڻي اُپت ٿي رهي آهي.

3. سنڌ ۾ پوکيءَ جون گهڻيون مندون آهن؟

ج. سنڌ ۾ پوکيءَ جون ٻه مندون آهن، هڪڙي ڪتي يا خريف، ٻي چيٽ يا ربيع .

4. مُلڪي ضرورتن کان وڌيڪ پيداوار جو ڇا ڪيو ويندو آهي؟

ج. مُلڪي ضرورتن کان وڌيڪ پيداوار ٻين ملڪن کي وڪرو ڪري پرڏيهي ناڻو ڪمايو ويندو آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. فصلن کي ........ٻن........ حصن ۾ ورهايو وڃي ٿو.
2. ........ڪڻڪ........ ۽ ........ڇانور........ اناج وارا فصل آهن.
3. ........ڪپھ........ ۽ ........ڪمند........ ناڻي وارا فصل آهن.
4. زمين جي زرخيزي وڌائڻ لاءِ هترادو ........ڀاڻ........ وجهجي ٿو.
5. هاري ڏڳن جي مدد سان ........زمين........ کيڙيندا آهن.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| زراعت | پوکي راهي/ کيتي: |

جملو: زراعت اسان جي ملڪ جو خاص پيشو آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڪِرت | ڪم ڪار |

جملو: زراعت دنيا جي سڀ کان قديم ڪِرت آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ناڻو | پئسو |

جملو: زراعت جي اضافي پيداوار وڪڻي پرڏيهي ناڻو ڪمايو ويندو آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اُپت | پيداوار |

جملو: هٿرادو ڀاڻ وجهي ڪاڏ خوراڪ جي اُپت وڌائي سگهجي ٿي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڏاهپ | سياڻپ |

جملو: هاري ڏاهپ سان زمين کيڙي ٿو.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| زمين | آسمان | سياري | اونهاري |
| لاٻارو | رونبي | ضرورت | غير ضرورت |
| ڏڪا | ڏڪيون | | |

## ھ هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|

| | | | |
|---|---|---|---|
| صوبو | صوبا | مند | مندون |
| مشين | مشينون | ڏيڪو | ڏيڪا |
| جيوڙو | جيوڙا | پيداوار | پيداوارون |

Colourbox

# وقت چوي آئون بادشاهه

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شاهاڻي | شاهي | پسجن | ڏسجن |
| پهريان | پايان | نپجن | پلن |
| پوشاڪ | ڪپڙا/لباس | ڦلن | گُلن |
| ٻجهي | پروڙي | جوڀن | جواني |
| ماڳين | جڳهن | قياس | رحم |
| غافل | لاپرواهه | هنيلا | تڪبر وارا |
| ڏينهڙا | ڏينهن | ماڙيون | وڏيون جايون |

## شعرن جي تشريح

شاهاڻي شاهن جان، پهريان نہ پوشاڪ،
تلي آئون تيلي تي، ويهي نہ ڪيان واڪ،
شاهہ شهنشاهہ، جن جي هر هنڌ ٻجهي هاڪ،
چٽي ويندن چاڪ، پاڻهي پوندا پيش مون.

سمجهاڻي: شاعر هن بيت ۾ چوي ٿو تہ”وقت بادشاهہ“، ٻين بادشاهن وانگر پوشاڪ ڪونہ ٿو پائي ۽ نہ ئي ٻين وانگر تخت تي ويهي حڪم هلائي ٿو. دنيا جا بادشاهہ، جن جي هر هنڌ ساراهہ آهي، تن جي طاقت ختم ٿي ويندي ۽ هڪ ڏينهن اهي سڀ اچي منهنجي (وقت جي) اڳيان پيش پوندا.

هنديـن مـاڳيـن منهنجو، ڦِري ٿو فرمان،
ڏاڍو مون کان ڪونہ ڪو، آهي ڪو انسان،
تـابع مـون اصـل کـان سـارو هـي جـهـان،
ڇا پوڙهو ڇا جوان، پاڇهي پوندا پيش مون.

سمجهاڻي: شاعر چوي ٿو تہ ”وقت بادشاهہ“ جو حڪم هر هنڌ هلي ٿو. ڪوبہ انسان ان کان ڏاڍو نہ آهي. هي سڄو جهان ان جي تابع آهي. سڀ جوان ۽ پوڙها هن کي اچي پيش پوندا.

چورن وانگي آئون چُران، غافل ڪين ٻُجهن،
تـوڙي گهڙيال تـن اڳيان، واڄٽ ڪـيو وڄـن،
پـلـڪن مـان پهر ٿيو، ڏينهڙا ٿـا گـذرن،
لنگهيو ورهيہ وڃن، پاڇهي پوندا پيش مون.

سمجهاڻي: شاعر چوي ٿو تہ ”وقت بادشاهہ“ چورن وانگر آهستي آهستي هلي رهيو آهي، پر غافل ڪجهہ بہ نٿا سمجهن. جيتوڻيڪ انهن جي اڳيان گهڙيال وڄي رهيا آهن. پلڪن (ساعتن) مان پهر ٿي ڏينهن بہ گذرندا ٿا وڃن. اهڙيءَ طرح سال بہ گذري ويندا ۽ هڪ ڏينهن اهي سڀ اچي منهنجي (وقت جي) اڳيان پيش پوندا.

چورن وانگي آئون چُران، سمجهو ڪي سمجهن،
پوڙهن جي پيشانيءَ ۾، پيرا مون پسجن،
ڪـارن منجهان مون ڪيا، اڇا سـر سندن،
ڪنيو لٺ ڏڏن، پاڇهي پـوندا پيش مـون.

سمجهاڻي: شاعر چوي ٿو تہ ”وقت بادشاهہ“ چورن وانگي آهستي آهستي هلي رهيو آهي. ڪي سمجهہ وارا ئي ان ڳالهہ کي سمجهن ٿا. پوڙهن جي پيشانيءَ ۾ وقت جا نشان نظر اچي رهيا آهن. انهن جو مٿو ڪاري مان اڇو مون (وقت) ئي ڪيو آهي. جيڪي هاڻي لٺ تي پيا هلن، اهي نيٺ اچي مون اڳيان پيش پوندا.

گلن جهڙا ٻارڙا، ڦلن جيئن نپجن،
خيال نہ تر جيترو، منهنجو اهي ڪن،
جوين ويندن نڪري، پوندي سُڌ پوءِ تن،
هڏ نہ پوءِ هلندن، پاڇي پوندا پيش مون.

سمجهاڻي: شاعر چوي ٿو تہ گلن جهڙا معصوم ٻارڙا، جيڪي ڦلن (ميون) وانگر نپجن ٿا، تن کي منهنجو ڪوبہ خيال نہ آهي. اهي نوجوانيءَ ۾ بہ بي پرواهہ رهندا. جڏهن سندن اها جواني ختم ٿي ويندي ۽ اهي پوڙها ۽ ڪمزور ٿي ويندا تہ پوءِ انهن کي خبر پوندي ۽ اهي سڀ اچي مون اڳيان پيش پوندا.

پوڙهي ڇا جوان جو، قياس نہ ڪريان ڪو،
جامو وني انسان جو، جڳ ۾ آيو جو،
پيش مون پاتشاهہ جي، پاڇي پوندو سو،
بانور ڇا تي تو، ڪيو ڙي انسان آهہ!

سمجهاڻي: شاعر چوي ٿو تہ ”وقت بادشاهہ“ ڪنهن بہ پوڙهي ۽ جوان تي ڪو بہ قياس نٿو ڪري، جيڪي بہ انسان جو ويس وني هن دنيا ۾ آيا آهن، سي مون بادشاهہ جي اڳيان ضرور پيش ٿيندا. اي ڪمزور انسان! تون ڇاتي ايتري وڏائي يا هٺ ٿو ڪرين.

هنيلا هوڏ پئي، پلي ڪوٽ اڏاءِ،
خرچي خزانا ڪيترا، تون ماڙيون محل بناءِ،
پت تہ مڙندي پت ڪي، ايءُ هينئين سين لاءِ،
شاهہ زمان سان جاءِ، بيشڪ ڪنهن جي ناهہ ڪا!

سمجهاڻي: شاعر ”پيرومل مهرچند“ چوي ٿو تہ هنيلو انسان پلي ڪيتري بہ هوڏ ڪري، ڪوٽ اڏائي، خزانا خرچي، ماڙيون محل بنائي، پر اهو سڀ ڪجهہ فاني آهي. ڪوبہ ماڻهو وقت سان مقابلو نٿو ڪري سگهي.

# مشق

## ا هينين سوالن جا جواب لکو.

1. هي نظم ڇا بابت آهي؟

ج. هي نظم وقت بابت آهي.

2. وقت پاڻ کي بادشاهه ڇو ٿو سڏرائي؟

ج. هر ڪو وقت آڏو پيش پوي ٿو، ان ڪري وقت پاڻ کي بادشاهه سڏرائي ٿو.

3. سارو جهان ڪنهن جي تابع هوندو آهي؟

ج. سارو جهان وقت جي تابع هوندو آهي.

## ب بيت مڪمل ڪريو.

1. شاهاڻي شاهن جان، پهريان نہ پوشاڪ
2. تابع مون اصل کان، سارو هي جهان
3. توڙي گهڙيال تن اڳيان، واڄٽ ڪيو وڄن
4. ڇا پوڙهو ڇا جوان، پاڻهي پوندا پيش مون

## ج لفظن جي معنيٰ لکو۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پوڙهو | ڪراڙو |
| جملو | پوڙهو ماڻهو ٻار برابر هوندو آهي. |
| پوشاڪ | ڪپڙا |
| جملو | بهار جي موسم ۾ وڻن کي پوشاڪ پئجي ويندي آهي. |
| واڪ | آواز |
| جملو | ٺلي آئون ٺيلي ٿي، ويهي نہ ڪيدان واڪ. |

| تابع | فرمانبردار |
|---|---|
| جملو | سارو جهان وقت جي تابع هوندو آهي. |

| پيش | حاضر |
|---|---|
| جملو | هر ڪو وقت جي آڏو پيش پوي ٿو. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| جوان | پوڙهو | اڇڻ | وڃڻ |
| صبح | شام | اوندهه | روشني |
| سچ | ڪوڙ | اصل | نقل |

سبق 12



# ميٺ محبت

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ميٺ محبت | امن پيار | سماج | معاشرو |
| سهپ | برداشت | درگذر ڪرڻ | معاف ڪرڻ |
| چوٽي | قول | ڪاتي | ڇُري |
| ڪوھ | ڇ | ذريعي | وسيلي |
| جهيڙو | فساد | ڦاسائڻ | الجهائڻ |
| عدالت | انصاف واري جڳهه | ڪير ڪند ٿيڻ | نهي وڃڻ |
| پشيمان | شرمسار | ويڙھ | جهيڙو |
| سبق | نصيحت | چڱا | سٺا |

### خلاصو

اڄوڪي سماج ۾ سهپ ۽ برداشت جڻ تہ ختم ٿي ويئي آهي. ٻارن جي جهيڙي ۾ وڏا ٽپيو پون ۽ ائين ڳالهہ ختم ٿيڻ بدران وڌيو وڃي.

گهڻا سال اڳ جي ڳالهہ آهي تہ هڪ ڳوٺ ۾ ٻہ پاڙيسري ساجد ۽ نويد رهندا هئا. جن جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هوندي هئي. هڪ ڏينهن ٻنهي جا پٽ پاڻ ۾ اِتي ڏکر ڪيڏي رهيا هئا، تہ اوچتو ساجد جي پٽ جي اتي نويد جي پٽ کي لڳي ۽ ان جي مٿي مان رت وهڻ لڳو ۽ هو روئڻ لڳو. نويد جي زال گهر کان ٻاهر آئي ۽ هن پنهنجي پٽ جي اها حالت ڏسي، ساجد جي پٽ کي چمات هنيائين تہ هو بہ روئڻ لڳو. ايتري ۾ هن جي ماءُ بہ گهر کان ٻاهر نڪتي ۽ پنهنجي پٽ کي روئندو ڏسي، ٻئي عورتون بہ پاڻ ۾